# SINDH ACT NO.II OF 1974
# THE SINDH BOARAD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974
# سنڌ ايڪٽ نمبر II، مجريه 1974
# سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 1974

## فهرست (Contents)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

(Short Title and Commencement)

2. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970 جي دفعه 4 ۾ تبديلي.

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XVI 1970.

3. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 7 ۾ تبديلي.

Amendment of section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

4. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970 جي دفعه 10 ۾ تبديلي.

Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

5. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 12 ۾ تبديلي.

Amendment of section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

6. سنڌ آرڊيننس XVI مجريه 1970جي دفعه 16 ۽ 17 ۾ تبديلي.

Amendment of section 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

7. سنڌ آرڊيننس XVI. مجريہ 1970جي دفعہ 31 جو اضافو.

Addition of section 31 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

8. سنڌ آرڊيننس III، مجريہ 1974 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance III of 1974.

# SINDH ACT NO.II OF 2014
# THE SINDH BOARAD OF TECHNICAL EDUCATION (AMENDMENT) ACT, 1974

# سنڌ ايڪٽ نمبر II، 1974
# سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) ايڪٽ، 1974

[16 مارچ 1974]

سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪشن 1970 وارو آرڊيننس مٽائڻ وارو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها تقاضا آهي تہ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جي متعلق ايڪٽ مجريہ 1970 ڪي تبديل ڪيو ويندو وڃي.

هن ڪي هن ريت بدلايو پيو وڃي.

مختصر عنوان اور شروعات (Short Title and Commencement)

1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيش( ترميم) ايڪٽ 1974 چيو ويندو.

(2) هي هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970 جي دفعہ 4 ۾ تبديلي. Amendment of section 4 of Sindh Ordinance XVI 1970

2. 1970ع واري سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس جي دفعہ (4) جي ذيلي دفعہ (I) ڪي هن ريت مٽايو ويندو.

(a) شق(iii) جي لفظن "سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج" ڪي "سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج" جي لفظن سان مٽايو ويندو.

(b) شق (v) ۾ هي شق وڌي ويندي.

"(v) بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن ڪراچي جو چيئرمين ۽ بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي جو چيئرمين."

(c) شق نمبر (vii) جي لفظن ۽ ڪاما "ايجوڪيشن ايڪسٽينشن اينڊ اسپيشلائيزڊ سروسز سنڌ ، حيدرآباد" ڪي "بيورو آف ڪريڪيوليم ايجوڪيشن

ايڪسٽينشن اينڊ اسپيشلائيزڊ سروسز سنڌ“ جي لفظن سان مٽايو ويندو.

(d) شق نمبر (ix)، (xi) ۽ (x) جي لفظ ”گورنمينٽ“ بدران ”ڪنٽرولنگ اٿارٽي“ ڪي متبادل بڻايو ويندو.

(e) شق (xi) جي لفظ ”۽“ کي ڪڍيو ويندو.

(f) شق (xii) ۾ هيٺ شق بدلائي ويندي.

”(xii) هڪ صنعتڪار ڪنٽرولنگ اٿارٽي نامزد ڪندي، “ ۽

(g) شق (xii) کانپوءِ شق (xiii) ۽ (xiv) وڌايون وينديون:

”(xiii) انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنس پاڪستان“ جي سينٽرل ڪائونسل جو هڪ ميمبر جيڪو سنڌ جي مقامي سينٽر سان واسطو رکندڙ هوندو، ان کي ڪنٽرولنگ اٿارٽي نامزد ڪندي.

(xiv) گرلس ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ جا ڊپٽي ڊائريڪٽر جيڪي ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سنڌ مان هوندا.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970جي دفعہ 7 ۾ تبديلي.
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance XVI of 1970.

3. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 7 ۾ ”5“ بدران ”4“ جو انگ رکيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970جي دفعہ 10 ۾ تبديلي.
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XVI of 1970

4. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾ لفظ ”سيڪريٽري“ بدران لفظ ”وزير“ رکيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970جي دفعہ 12 ۾ تبديلي.
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance XVI of 1970

5. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (2) جيڪو شق (I) جي آخر ۾ آهي. ان مان سيمي ڪولن ڪڍي ويندي ۽ هيٺ ملايو ويندو.

” فني، ڊگري ليول کان هيٺ لازمي داخلا ذريعي صنعتي ۽ ڪمرشل تعليم کي ترقي ڏيڻ ۽ انتظام رکڻ “.

6. مڪيہ آرڊيننس جي 16 ۽ 17 دفعن جي ذيلي دفعہ (1) جي لفظ "گورنمينيٽ" کي "ڪنٽرولنگ اٿارٽي" لفظن سان مٽايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XVI مجريہ 1970جي دفعہ 16 ۽ 17 ۾ تبديلي.
Amendment of section 16 and 17 of Sindh Ordinance XVI of 1970

7. مڪيہ آرڊيننس جي دفعہ 30 کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل دفعہ 31 شامل ڪيو ويندو:

"31 پهرين جولائي 1970ع کان پوءِ يا انهيءَ تاريخ تي پاڪستان بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن يا ڪنهن بئي بورڊ طرفان ڪجهہ بہ ٽيل يا ڪو قدم کنيل اختيار يا اٿاٽي جي ضرورت، ڪا بہ ذميواري پوري ڪرڻ، ماڻهو مقرر ڪرڻ يا انهن کي اختيار ڏيڻ، حدن يا اختيار ڏيڻ، پلاٽي جو فنڊ قائم ڪرڻ، مالي امداد يا عطيو ڏيڻ، اسڪالرشپ يا ايوارڊ قائم ڪرڻ، ميتا ڏيڻ، جاري ڪيل حڪم ۽ قاعدا قانون ٺاهڻ وارا سمورا قدم جيڪي سنڌ صوبي سان واسطو رکندا هوندا تن کي هن آرڊيننس جي روشني ۾ صحيح سمجهيو ويندو."

سنڌ آرڊيننس .XVI مجريہ 1970جي دفعہ 31 جو اضافو.
Addition of section 31 of Sindh Ordinance XVI of .1970

8. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن (ترميم) آرڊيننس 1974 کي منسوخ ڪجي ٿو.

سنڌ آرڊيننسIII، مجريہ 1974 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance III of 1974

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**